# يوم دعوت اسلامي

(Sindhi)



Dawat-e-Islami DAY 2nd September




# يوم دعوت اسلامي

سورت آل عمران جي آيت نمبر 104 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۴﴾

(پاره:4،سورة آلِ عمران:104)

ترجموڪنز العرفان: ۽ توهان مان هڪ ٽولو اهڙو هجڻ گهرجي جيڪي ڀلائي جي طرف سڏين ۽ سُڌي ڳالھ جو حڪم ڏين ۽ خراب ڳالھ کان منع ڪن ۽ اهي ئي ماڻهو ڪاميابي ماڻڻ وارا آهن.

## دعوت اسلامي جو آغاز ۽ ترقي

ذڪر ڪيل آيت ڪريمہ تي عمل ڪندي عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جو آغاز ذوالعقدة الحرام 1401 ھ بمطابق سيپٽمبر 1981 ۾ شيخ طريقت اميراھل سنت حضرت علامہ مولانا **محمد الياس عطار قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة پنهنجي ڪجھ رفيقن سان ملي ڪري ڪيو، دعوت اسلامي سياست، احتجاج ۽ هڙتالن کان هٽي ڪري مثبت انداز ۾ الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان دين جو اهو ڪم ڪيو آهي جو ان جي توجھ پاڪيزه ديني ڪوشش تي ئي رهي، الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان دعوت اسلامي صرف پاڪستان تائين محدود نہ رهي، بلڪ ٿوري ئي عرصي ۾ هن مقدس مشن جي روحانيت سرحدن کي پار ڪري ڏسندي ئي سڄي دنيا ۾ ڦهلجي وئي، پنهنجي عظيم مقصدن جي تڪميل جي لاءِ دعوت اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن تحت 313 کان بہ وڌيڪ ذيلي شعبا قائم ڪري ورتا.

## قيادت ۽ مرڪزي مجلسِ شوريٰ!

اميراھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي رهنمائي ۽ مدد سان دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس

شوريٰ کي اها اهميت حاصل آهي جيڪا جسم ۾ دل کي حاصل آهي، هي شوريٰ دعوت اسلامي جي ڏينهن ٻه ڏينهن وڌندڙ مدني ڪمن جي نه صرف سارسنڀال لهندي آهي بلڪ ڪارگردگي وڌائڻ ۽ نظام کي بهتر بڻائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪندي آهي، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هن مجلس تي بيحد شفقت، محبت فرمائيندا رهندا آهن ۽ وقتاً فوقتاً ان جي رهنمائي به فرمائيندا رهندا آهن سندن سار سنڀال پڻ لهندا آهن، شوريٰ جا ذميداران دعوت اسلامي جي مجموعي نظام جي بهتري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ هر وقت ڪوشان رهن ٿا.

## مذهبي ۽ تعليمي اقدامات

دعوت اسلامي وڏي محنت سان بلاشڪ هزارين مسجدون قائم ڪيون آهن، ۽ انهن روحاني و پاڪيزه مقامن جي مسلسل مدد ۾ مصروف عمل آهي. ڳالهه هتي ختم نٿي ٿي بلڪ هن تحريڪ تعليمي ادارن جي ذريعي به علم جي روشني پکيڙي آهي. مدرسة المدينه ۽ جامعة المدينه جي نالي تعليمي ادارا قائم ڪري علم جا ڏيئا روشن ڪيا آهن جتي مقدس قرآن جي اصل روح ۽ ديني شعور اجاگر ڪيو ويندو آهي. هڪ عظيم بصيرت سان دعوت اسلامي قرآن جي هزارين تلاوت ڪرڻ وارن ۽ ان کي پنهنجي ۾ دل سانڍڻ وارن آئمه، واعظين، علماء ۽ مفتيانِ ڪرام جون زندگيون سنوارڻ جو عظيم ذمو کنيو جيڪي پنهنجي بلند ڪردار سان اُمت جي معاشرتي اصلاح ۾ ڪوشان آهن.

تحريڪ کي فخر آهي ته پنج لک کان وڌيڪ مرد ۽ عورتون پنهنجي خوشي سان دين جو ڪم ڪري رهيا آهن، جڏهن ته تقريباً 46 هزار کان وڌيڪ اجير (پگهاردار) ۽ ڪروڙين چاهڻ وارا روشن ستارن جي مجموعي جيان دعوت اسلامي جي مختلف ديني ڪمن ۾ مشغول نظر اچن ٿا. ۽ ان جي ڏنل اهم ترين مدني مقصد **”پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش“** جي تڪميل ۾ ڪوششون ڪندي نظر اچن ٿا.

## دارالافتاء اهل سنت

مذهبي رهنمائي جي خصوصي ۽ اهم ترين ميدان ۾، دعوت اسلامي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾دارالافتاء اهل سنت جون شاخون قائم ڪري رکيون آهن. انهن فقهي ۽ شرعي مرڪزن ۾

دعوت اسلامي سان وابسته ۽ تربيت يافته عالم سگهڙا مختلف وسيلن ۽ ذريعن سان تحريري، زباني، موبائل، اي ميل، واٽس اپ جي ذريعي جوابات ڏيندا آهن.

## اسلامي تحقيقات ۽ اشاعتي ادارو

مقدس علم جي فروغ ڏيڻ ۾، المدينة العلميه (دعوت اسلامي جو تحقيقي ادارو) هڪ سرچشمي جي طور تي قائم آهي، دعوت اسلامي جي شعبي المدينة العلميه (Islamic Research Center) ۾ ٻين ذيلي شعبن جي تعاون سان تفسير، حديث، فقه، سيرت ۽ موٽيويشنل موضوعات ۽ تنظيمي تربيت تي مشتمل ڪتاب ۽ رسالا لکيا پيا وڃن ۽ خاص ڪري هن ڊيپارٽمنٽ ۾ اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتابن تي مختلف نوعيت جو ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ اميراهل سنت جي ڪتابن ۽ رسالن جي لاءِ مواد وغيره جي حصول ۾ معاونت به ڪئي ويندي آهي. انهن ڪتابن ۽ رسالن کي دعوت اسلامي جو شعبو مڪتبة المدينه ڇاپي عام ڪري ٿو. انٽرنيٽ جي جديد ذريعن کي اپنائيندي دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net جي ذريعي مختلف زبانن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪئي ويندي آهي.

## ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان دعوت اسلامي جو هي شعبو سڄي دنيا ۾ ديني لٽريچر جو 46 زبانن ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي. هن ڊيپارٽمنٽ هاڻي تائين مجموعي طور تي 7000 کان وڌيڪ پروجيڪٽس مڪمل ڪيا آهن ۽ مسلمانن کي رهنمائي جي مقصد تحت، انهن مان ڪيئي پروجيڪٽس دعوت اسلامي جي آفيشل ويب سائيٽ تي به موجود آهن. ان کان علاوه، الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان، اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مشهور ترجمو ”ڪنزالعرفان“ مفتي عبدالنبي جن انگريزي ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ ”ڪنزالعرفان مع حاشيه افهام القرآن“ جو انگريزي ۽ سنڌي ۾ ترجمو دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه نهايت اهتمام سان شايع ڪيو آهي.

## آن لائن رسائي ۽ تعليم دعوتِ اسلامي

**نيڪي جي پيغام کي آئن لائن دستيابي جي** ذريعي ماڻهن تائين پهچائڻ جي مقصد تحت دعوت اسلامي پنهنجي ويب سائيٽ جي ذريعي ”فيضان آن لائن اڪيڊمي“ (بوائز، گرلز) قائم آهي، جنهن جي مدد سان آن لائن (بذريعہ انٽرنيٽ) عالم ڪورس، قرآن پاڪ(حفظ و ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ ڪورسز(مثلاً فيضان نماز، فيضان قرآن ۽ حديث، سيرت مصطفيٰ، عقائد و فقہ، نڪاح، نيو مسلم ڪورس وغيره) جي ذريعي ماڻهن کي انهن جي گهر ۾ ئي علم جي روشني پچائي ويندي آهي.

## تعليمي نظام. دارالمدينہ

ايجوڪيشن جي ميدان ۾ انگلش ميڊيم اسلامڪ اسڪولنگ سسٽم”بنام دارالمدينہ“ پري پرائمري کان ميٽرڪ تائين ڪم ڪري رهيو آهي، هن سسٽم کي ڪاليج ۽ ڪاليج کان يونيورسٽي تائين ڪٽي وجڻ جو پروگرام جاري آهي.

## آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ

ٽيڪنالوجي جي ايجادي روح سان گڏوگڏ، دعوت اسلامي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي ذريعي پنهنجي مقدس مشن کي وڌائڻ ۾ جديد ٽيڪنالوجي سان گڏ هلي رهي آهي.، دعوت اسلامي سوشل ميڊيا جي پليٽ فارم ذريعي بہ اسلامي تعليمات کي عام ڪرڻ ۽ اصلاحِ اُمت جو ڪم ڪري رهي آهي. آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ اسلامي علم کي انٽرنيٽ ۽ جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي عوام جي لاءِ آساني فراهم ڪري ڇڏي آهي. ترقي جي لاءِ، روايت کي جديد ايجاد سان گڏ نهايت خوبصورتي سان هن ميلاپ دعوت اسلامي کي ڊيجيٽل ميڊيا ۽ آئي ٽي سيڪٽر ۾ عظيم ڪاميابي سان همڪنار ڪيو آهي.

## ميڊيا جي موجودگي

بدلجندڙ دنيا ۾ ميڊيا جو ڪردار هڪ حقيقت آهي، جيئن تہ دعوت اسلامي پنهنجي”مدني چينل“ جي ذريعي 7 وڌين سيٽلائيٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪري رهي آهي، تقريباً 450 ملين صارفين جي زندگين کي رهنمائي جو رستو فراهم ڪري ٿي.

## فلاحيءَ سماجي خدمت ۾ دعوت اسلامي جو ڪردار

دعوت اسلامي FGRF جي ذريعي همت ۽ ثابت قدمي سان فلاحي و سماجي خدمتن جو سلسلو جاري رکيو پئي اچي ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏکياري اُمت جي پريشاني دور ڪرڻ جي لاءِ لاڪ ڊائون، سيلاب وغيره ۾ نه صرف 26 لک کان وڌيڪ گهراڻن جي مدد ڪئي وئي بلڪ انهن حالاتن ۾ خاص ڪري ٿيلسيميا ۽ عام طور بيمارين جي لاءِ رت جون 53،000 بوتلون جمع ڪرڻ جو اهڙو ڪارنامو انجام ڏنو ويو جنهن جو مثال نٿو ملي، پڻ نقد، راشن، ۽ مختلف بين طريقن سان اُمت جي ڀلائي ۽ خيرخواهي ۾ اڳيان اڳيان رهي.

## دعوت اسلامي جا ٻيا پروجيڪٽس

دعوت اسلامي جي فڪر اُمّت جو جذبو وسيع ترين ۽ هميشہ کان پهريان کان وڌيڪ نظر اچي ٿو هن سلسلي کي جاري رکندي گرين ورلڊ پروگرام جي تحت پاڪستان مهم ۾ هاٽي تائين لکن جي تعداد ۾ بوٽا لڳايا ويا آهن ۽ هن مهم کي جاري رکندي اسان جو هي نعرو آهي: ”ٻوٽو لڳائڻو آهي وڻ بڻائڻو آهي“ معذور ٻارن جي سارسنڀال جي لاءِ اِدارو FRC (فيضان ري هيبلي ٽيشن سينٽر) قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو يتيمن ۽ ضرورتمند ٻارن جي لاءِ انهن جي پرورش کان گڏوگڏ انهن جي بهترين مدد جي لاءِ ڪوشان آهي. ڳالهه هتي ختم ڪانہ ٿي ٿئي بلڪ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏکياري اُمت جي خدمت جي جذبي جي لاءِ FGRF مدني هيلٿ ڪيئر سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. يتيم ۽ نادار ٻارن ۽ ٻارڙين جي ڪفالت ۽ انهن جي ديني ۽ دنياوي تربيت جي لاءِ ”مدني هوم“ اولاً ڪراچي ۽ پوءِ ٻين شهرن ۽ ملڪن ۾ قائم ڪيا ويندا، ان کان علاوه مَردن ۽ عورتن کي خودمختيار ۽ هنرمند بڻائڻ جو بہ عنقريب اِرادو آهي. اِنۡ شَآءَاللّٰه

اللہ تعالي دعوت اسلامي کي اڃا بہ ڪاميابي ۽ ترقي عطا فرمائي. آمين.

